آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
۽ خاڪ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.

شاهه سچل، ساميءَ جي ورثي وارا،
نَس نَس ۾ وهي ٿي جن جي سنڌوُ ڌارا،
ٿِي رهن ملير ۾ مارُوئڙا،
۽ جهر جهنگل ۾ جهانگيئرا،
برپٽ کي باغُ بڻائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت ..............

پريم پاوَ ايڪي سان رهندا جڳ ۾،
محنت جو پاوَ پَريل جن جي رڳ رڳ ۾،
سيني سان پريمُ وڌائيندا،
ڪُجهه ڏيندا ۽ ڪُجهه پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.............

موهن جي دڙي جيان دٻجي اوُچا رهندا،
طوُفان زلزلا سوُر ۽ سختيوُن سهندا،
هيموُنءَ جيان ڦاسي کائيندا،
تہ بہ مُرڪي مُرڪي ڳائيندا،
هي ڪڏندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت...........

ڊاڪٽر موتي پرڪاش

Fonts by Majid Bhurgri